# پيار جي جانوَم



ايوب گاد

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيار جي چانو ۾




ايوّب گاد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سورٺ ثقافتي سنگت سنڌ جو ڪتاب نمبر پهريون

ڪتاب جو نالو —— پيارَ جي ڇانوَ ۾

صنف —— شاعري

ڏات ڏٽي —— ايوب گاد

ٽائيٽل —— ناظم الدين ڏهر، ايوب گاد

اسڪيچ —— هارون چنو، ايوب گاد

ڇپائيندڙ —— سورٺ ثقافتي سنگت سنڌ

ڪمپوزرس —— سڪندر مهر، سيد افتخار گيلاني

ڇپيندڙ —— علي رضا آفسيٽ پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو

ڇاپو —— پهريون نومبر ١٩٩٣ع

ملهه —— پنجتيهه رپيا

soorinsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پيار جي ڇانوَ ۾ ڪي ٻہ ساٿي مليا
جُونِ جي سِج جيان ڳوٺ وارا جليا

(استاد بخاري)




Scanned with CamScanner

# ارپيان

تو
اُن کي
جنهن
مونکي هيءَ ذات
بخشي.

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سورٺ پبلشر پاران:

منهنجي ماتر ڀومي سنڌ جي ڪُک مان جنم وٺندڙ نوجوان شاعر ايوب گاد جي شاعريءَ جي پيار ڀري سوکڙي ”پيار جي ڇانوَ ۾“ پيش ڪندي، اسين خوشي محسوس ٿا ڪريون،

اسان جي ثقافتي سٿ پاران هي پهريون شاعريءَ جو ڪتاب آهي، اسان اڳتي به اهڙيون ڪوششون ڪندا رهنداسين ڇو ته اسان جي سنگت جو مقصد سنڌ جي نوجوان اديب، اديبائن، شاعرن ۽ شاعرائن کي اُڀارڻ آهي ۽ پوري سنڌي قوم کي انهن جي صلاحيت کان آگاهه ڪرڻ آهي ته جيئن هو هن سماج اندر جيڪو پورهيو ڪن ٿا گهٽ ۾ گهٽ انهن کي ڀيو نه ته ايترو قل ضرور ملي جو اسان جا ماڻهو سنڌن ادب ۽ شاعري پڙهن ۽ سنڌن همٿ افزائي ڪن ۽ ائين ئي تاريخ جو تسلسل برقرار رهي سگهي ٿو.

اسان کي پڪ آهي ته سنڌ امڙ جي هنج ۾ اهڙا ماڻڪ موتي اڃا آهن جيڪي اسان جي هن ننڍڙي ۽ پهرين سوکڙي کي ضرور هيئين سان هنڊائيندا ۽ اسان جي ڪاوش کي مانُ ڏيندا.

جميل

مرڪزي ڪنوينر

سورٺ ثقافتي سنگت سنڌ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سٽاءُ


شاعر يارن ______ ايوب گاد

مهاڳ ______ عبدالغفار "تبسم"

غزل ______ ١٥

وايون ______ ٩٣

گيت ______ ١٠٣

آزاد نظم ______ ١١٥

تعارف ______ اياز گل


soorihsindhiadab



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاعر طرفان

شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبدالطيف ڀٽائي رح فرمايو آهي ته

ساجن ڪارڻ سڄ ، مَرُ قبولي سسئي ،
اندر جنين اُڄ ، پاڻي اُڃيو اُنَ کي .

مون کي ائين لڳندو آهي ڄڻ منهنجي اندر ۾ شاعري لاءِ ڪا اُڃ موجود هئي. جو شاعري جي ديوي ، منهنجي ٻين تخليقي روپن مٿان حاوي ٿي وئي . ڇاڪاڻ ته مان شروعات ۾ مصوري ڪندو هوس . ان کان پوءِ هڪ تجرباتي وڊيو فلم ، " مهربان " جي نالي سان ٺاهي. جيڪا خوشقسمتي سان پاڪستان جي پهرين سنڌي وڊيو فلم ثابت ٿي. ۽ شاليمار ريڪارڊنگ ڪمپني اسلام آباد پاران پوري ملڪ ۾ رليز به ڪئي وئي. ان کان پوءِ چار ٻيون فلمون ، لکيم ۽ فلمايم ، اسٽيج ڊراما لکيم ، پر پوءِ به من ۾ ڪا اڻ تڻ هئي جنهن مون کي شاعري جي ڏگ لائي ڇڏيو . منهنجي شاعري ڪا ايڏي وڏي پد جي ڪانهي پر مون صرف پنهنجن احساسن کي زبان بخشڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ، انهن جي اهميت ڪيتري آهي ، اهو ته پڙهندڙ ئي اندازو لڳائي سگهن ٿا . ڇاڪاڻ ته ڪيفيتون ، وقت ۽ حالتن مان جنم وٺنديون آهن ، ضروري ناهي ته منهنجو هر غزل پڙهندڙن جي موڊ سان هر ويل ٺهڪي اچي.

دنيا ۾ موضوع تمام گهڻا آهن جن تي ڀرپور نموني لکي سگهجي ٿو.پر منهنجو موضوع صرف " پيار " رهيو آهي. ان ڪري ئي ڪتاب جو نالو " پيار جي ڇانوَ ۾ " رکيو اٿم (جيڪا مون کي ڪڏهن به نصيب نه ٿي آهي) مان پيار جي رڻ ۾ اُن ڇانوَ جي تلاش ۾ هميشه ڀٽڪندو رهيو آهيان.

چون ٿا " حوا " کي " آدم " جي ڪُک مان پيدا ڪيو ويو هو. ان لحاظ کان حوا آدم جو اهو اڌ آهي جنهن جي تلاش ۾ اڄ تائين ،آدم پريشان آهي . مان به پنهنجي وڃايل اڌ جي ڳولا ۾ ٻن ٻن ڀٽڪيو آهيان ۽ ان پيار جي پياس ۾ هي سڀ ڪجهه لکجي ويو اٿم .جيڪو منهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شعوري ڪوشش قطعاً ناهي. جهڙي طرح امرتا پريتم ساحر جا اڌ ڇڏيل سگريٽن جا ٽوٽا ڪٺي دروازو بند ڪري پيئندي هئي ۽ انهن مان نڪرندڙ دونهين ۾ ساحر کي پسي تسڪين حاصل ڪندي هئي. شايد اهڙي طرح مان به پنهنجي پريٽ کي لفظن جي اوٽ مان پسي سڪون حاصل ڪندو آهيان. اهي وايون ، گيت ۽ غزل ڪيئن لکيا اٿم . اهو ته مان به ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کان سوال ڪندو آهيان ....... ؟

مَنَ جي پيڙائن کي ماڻ بخشڻ لاءِ مان ٿورائتو آهيان ، سنڌ جي اڻ وسرندڙ مَهان قوي استاد بخاريءَ جو ، جنهن هر ويل منهنجي همت افزائي پئي ڪئي.ان سان گڏ مانواري عبدالغفار تبسم ،اياز گل، استاد منظور فاروقي ، رزاق مهر، علي گل سانگي ، منظور ظفر ، اياز عالم ابڙو، اياز گاد ، زيب سنڌي ، ۽ هدايت منگي صاحب جو جن مون کي هر ويلي پئي اُتساهه ڏيارو. ساڳي وقت مان عاشق نظاماڻي جو به ٿورائتو آهيان جنهن منهنجو پهريون گيت ڪمپوز ڪري ڳايو. ان سان گڏ منظور سخيراڻي ، سرمد سنڌي ، غلام شبير سمون ، تعمير حسين ، انيتا رياض ، اسلم تنيو، سيما ناز ۽ شفيق منگيءَ جو پڻ ٿورائتو آهيان جن منهنجن گونگن گيتن کي آواز جو جادو بخشيو.

- ايوب گاد

گاد گهٽي قافلہ سراءِ
لاڙڪاڻو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مهاڳ

زندگي! زندگيءَ جي وِيسا ڳهاٽين جا بخيا اُڌيڙيندڙ، خدا! خدا جي خلقيل وشالِ ڌرتيءَ جي وکريل سونهن کي ساراهيندڙ عشق جهڙي اَجهل، عميق ۽ اٿاه جذبن سان سرشار انسان ئي شاعر سڏيو ويندو آهي. ۽ منهنجي نظريئي موجب اهڙو ذات ڌڻي وقت جو پيغمبر ۽ سچو شاعر سڏبو آهي.

مان پنهنجي تخليقن ۾ لبناني فيلسوف ۽ شاعر خليل جبران کان گهڻو متاثر رهيو آهيان اُهوئي سبب هو جو پنهنجي پهرين پٽ جو نالو ئي خليل جبران رکيو هوم. هڪ ڀيري خليل جبران کان سندس ساٿيءَ باربرا پڇيو ته اگر ڪنهن موڙ تي توکي مجبور ڪيو وڃي ته تون ٻيا سڀ لفظ وساري صرف ست (Seven) لفظ ياد رک ته اُهي ڪهڙا لفظ هوندا جبران وراڻيو تون، مان حُسن بخشش محبت ۽ ڌرتي.

مون وٽ به تقريباً پنهجين، پراڻين لکڻين کي پرکڻ لاءِ ساڳيو ئي ماپو هوندو آهي. ڪن نجي ڪچهرين يا عام مشاعرن ۾ اگر ڪنهن نئين ڳڀروءَ يا ڪهنہ مشق شاعر کي ٻڌبو ته دل جا ڪن ڪولي ڪيس ٻڌندو آهيان،اڄ جي نئين ٿهيءَ واري نوجوان شاعر وٽ سچ پچ ڏاڍا خوبصورت خيال ۽ تشبيهون آهن.

اهڙي انب جي ٻُور جيان مهڪندڙ شاعري ڪندڙ منهنجو دوست ايوب ڳاد جو شاعر سان گڏ قدرت جي سموري ڪائنات کي ڪينواس تي وکيري برش سان پيو سنواريندو ۽ سجائيندو رهندو آهي يعني چترڪار به آهي ته وري Video ڪئميرا جي اک ۾ ڏسي اڳلي جو سچو Sketch ڪڍي ان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

Mixer ۽ Editing Machine تي آپريشن ڪرڻ جو اُستاد به
آهي ۽ هونئن به ذاتي زندگيءَ ۾ پڻ معزز ترين اُستادي پيشي
سان وابسته آهي.
ڪائنات ۾ وڪربل سموري سونهن سان منهنجو هيءُ
دوست سارو ڏينهن پيو هٿن، (يعني چترڪاريءَ) ۽ اکين يعني
(Video Photography) ۽ لفظن يعني شاعريءَ وسيلي پيو
ڳالهائيندو ۽ پاڻ کي مشغول رکندو آهي. سونهن ۽ ساڀيا جي
سيني صِنفن سان هڙني طريقن سان هٿ چُراند ڪندڙ منهنجو
دوست پاڻ مَنَ جو به ڏاڍو سُندر ۽ حِساس آهي ۽ سندس مَنَ
جي سندرتا واري منهنجي ان دعويٰ جي تصديق سندس
شاعريءَ مان به ٿئي ٿي.

منهنجي گهڙيءَ ۾ تنهنجي اچڻ سان
منظر بدلجي ويو
پُڪ جي رَحل ۾ چهرو چمڻ سان
منظر بدلجي ويو

مان اڳ به چئي چڪو آهيان ته خوبصورت نظم ۽
خوبصورت خيال مان دل جا ڪن کولي پڙندو آهيان ۽ جڏهن
دل جا ڪن کولي ايوب جو هيءُ خيال پڙهيم ته

پُڪ جي رحل ۾ چهرو چمڻ سان
منظر بدلجي ويو

ته دل جي گهرائين مان به واه واه ڪئي هُئم. ايوب جي
انهن سٽن مونکي مصري ڳائڻيءَ اُم ڪلثوم جي سُرن جيڏو
سوادُ ڏنو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تخليقڪار هميشه پنهنجي تخليقن جي اظهار لاءِ پيو وسيلا ۽ واٽون جاچيندو رهندو آهي هو پنهنجي اِرد گِرد وارن هموار ۽ ناهموار حالتن کان بي خبر پنهنجي تخليق جي مجسمي کي ذات جي تيشيءَ سان پيو ٺاهيندو ۽ گهڙيندو رهندو آهي منهنجو هيءُ دوست ايوب به ان سنگتراش جيان آهي جيڪو هميشه پنهنجي ڪلپنائن، خواهشن، آرزوئن ۽ اُمنگن کي وشال مندر ۾ ويهي لفظن جي تيشيءَ سان پنهنجي محبوبا جي خدوخال ۽ انگ انگ کي وينو تراشيندو ۽ سنواريندو آهي ۽ جڏهن لفظن جي تيشي جواب ڏئي ويندي اٿس ته برش ۽ رنگن سان پنهنجي ڪامڻيءَ کي ڪينواس تي ڦهلائي سندس زُلفن سان کيڏندو رهندو آهي ۽ سندس هيءُ سڀئي تخليق ٿيندڙ آهي.

انڊلٺ جهڙا تنهنجا انگ
واه ڙي وينگس! تنهنجا ونگ

يا ايوب جون هيءُ به سٽون مون جڏهن پهريون ڀيرو پڙهيون هئم ته اُن سٽن ۽ لفظن جي لڪل ڪَرب تي مان پاڻ به تڙپي پيو هوس.

اي چند پرينءَ کان آءُ پڇي چا توکي ننڊ به ايندي آ؟

عاشق نظاماڻيءَ جي من موهيندڙ مِٺڙ سُرن ۾ ايوب جي انهن ٻولن سان مان اڄ به پنهنجي اڪيلائين کي ريجهائيندو رهندو آهيان سندس فڪري اُڏار ۾ اُن چند جهڙي چتائي آهي جو هميشه سندس شاعريءَ جو محور رهيو آهي.
ايوب جي شاعريءَ جا عام فهم لفظ ۽ ساديون تشبيهون سندس خيالن جي خوبصورتيءَ جون پختيون علامتون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اُتندي تَڪڙ ۾ وساري وئينءَ
پالش ننهن جي ۽ سُرخي ڪجل

●

يادن جا زيورُ ايوب ” جي حياتي
فــوٽو پراڻا ۽ وڊيــو پربـل

ظاهر ۾ تہ سونهن ۽ سچائين سان سرشار هي شاعر پنهنجي من جون پرڳڻانون ميڙي شاعريءَ جي فن ۽ فڪر جي جديد لاڙن کي سمجهندي عشق جي اڪٽ بيابان ۾ ڪاهي پيو آهي جتي ڪيس صرف سسئيءَ جهڙا سور ۽ پور نصيب ٿيندا رهن ٿا پر اها اميد ۽ آس اٿم تہ جڏهن ڪيس ان صحرا کي اُڪرڻ جو وقت هٿ ايندو تہ مُڪ تي عمر جون اڻ ڳڻ ريکائون هونديون جن مان ايندڙ وقت جا فرهاد يا مجنون پنهنجي پنهنجي شيرين ۽ ليليٰ وٽ پهچڻ جون واٽون ڳولهي وٺندا ۽ اُن وقت هيءَ شاعر پنهنجي ٽٽل ۽ پيگل من سان پنهنجين پيڙائن جون ڳنڙيون پنهي ڪلهن تي رکيون وقت جي سرحد وٽ بيهي عشق جي بيابان مان اُڪري ايندڙ هر مسافر لاءِ پنهنجيون ٻئي ٻانهون ڦهلايون ڪين آڌر ڀاءُ چوندي نظر ايندو پر اُها پڪ اٿم تہ تَنهن وقت تائين ايوب گاد پنهنجي ٻوليءَ جي جهولي ۾ گهڻو ڪجھ وجهي چڪو هوندو ۽ اُهو وقت منهنجي دعويٰ جي پڪ ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندو.

**عبدالغفار ”تبسم“**
باٿ آءِ لينڊ ڪراچي
4-9-93



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner




اَڌ رات جو وِڪريل وَارن مان
ڪَا چَڳَ ذري چورائي ڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

او چنڊ، پرين پرچائي ڏي .
مون کي رُسڻو ميتُ مڃائي ڏي.

وئي ننڊ رُسي هن سان گڏ آ،
مون کي واپس چئُن ورائي ڏي.

اڄ رات جو وڪريل وارن مان،
ڪا چڳ ذري چورائي ڏي.

چانڊوڪيءَ جون ڇهنڊيون پائي
مون کي ڪجڪن ساڻ ڪلائي ڏي.

جيئن توڏي تڪي تيئن تڪ هٽي،
منهنجو سارو حال سُڻائي ڏي.

ڇپيل "عبرت مئگزين"
١٥ آگسٽ ١٩٩٠ع
ڳايل غلام شبير سمون
(ريڊيو پاڪستان خيرپور)
انيتا رياض (ٽي وي
پروگرام "پرک")
موسيقي غلام علي
(سيپٽمبر ٩١ع)





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي دردن جي ڪهاڻيءَ کي ٻُڌي ڇا تون ڪندين،
لوڻ ويتر منهنجي زخمن تي ،وجهي ڇا تون ڪندين.

توکي احساس نه آ ، يا ته توکي دل ڪونهي،
منهنجي اڌ رات جي ، تڙپڻ کي ڏسي ڇا تون ڪندين .

روئاري ڏينهن ۽ راتيون ، پڇين ٿي ڪيئن آهين تون ،
هاڻي ڳوڙهن جي نشانن کي اگهي ڇا تون ڪندين .

يلي ڪر رُعب ۽ ڪاوڙ ، اها نيئن ڳالهه ته ناهي ،
ڪٽي خنجر منهنجي جذبن کي ڪُهي ڇا تون ڪندين .

تتل صحرا ، منهنجو جيون، تنهنجي ڪاوڙ آ سج گولو،
نوٽ "ايوب" جي ڇپڙن تي وسي ڇا تون ڪندين.

ڳايل
عاشق نظاماڻي



soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوڏ ڇڏي تون ، هاڻ هلي آ .
گُلزن ۾ ، لالاڻ هلي آ .

وياڪل من ۾ ، ويڳُ مَتل آ ،
مون کي تنهنجي ، ڪاڻ هلي آ .

آڌي رات ، ستارا جهرمر ،
چئوڏس آ ، چانڊاڻ هلي آ .

جاڳي سپنا ،روز ڏسان تو ،
من ۾ آ ، مانڌاڻ هلي آ .

ماڪ جي روپ ۾ رات رُني آ ،
اکڙين ۾ ، آلاڻ هلي آ .

ڇپيل
"عبرت" حيدرآباد
۳۰ ڊسمبر ۱۹۸۹ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنڊ جا پرين ، تو ۾ احساس جي ڄس ڪانهي،
جا ڇُهڻ سان ڇرڪي پئي، سا تڙپَ جي رڳ ڪانهي .

تون ساهه ڪٽين سُرڪي ، ڏس رئو ڪيئن ڇاتيءَ تان ،
ڪپڙا به تا ڪُرڪن پر، تو ۾ ڪا ڌڙڪ ڪانهي.

شو ڪيس ۾ ڄڻ سهڻو شوپيس رکيل آهين،
جنهن کي ڪنهن جي چاهت جي ڪائي به ته ڪل ڪانهي.

جذبن جي تون قاتل آن ، احساس جي ڏوهي آن ،
"ايوب" چوي تون ڪنهن ارغون کان گهٽ ڪانهي .





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اندلٺ جهڙا ، تنهنجا انگَ ،
واهه ڙيِ ! وينگس تنهنجا ونگَ .

سهٽي سوسي ، گجُ گلابي ،
اجرَڪَ جا اڄُ ، اوتي رنگَ .

ڪِلڻ ، ملڻ ۽ هلڻ چلڻ ،
هَئي هَئي تنهنجي، ڍاڪ جا ڍنگ.

ٺئونرَ جُتي ۽ چيلهه تي چونڊو،
ٻانهن ۾ چوڙيون ، ڇَپَ تي ڇنگَ.

ڇُگا ، ڇُگا اڄ ڍاڪ ، رسي آ ،
ڪٽڪ جا جهومن ، سونا سنگ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪِلي ڪِلي ، هوءَ اسان کي ڦنڊن ۾ ڦاسائي وئي،
مُرڪَ جا موتي پارَ ڪنڊائي، راهُن مَنجهه رُلائي وئي .

گهر جي اڱر ۾ هوءَ ويهي مُرڪي سُهڻو پرٽ پري،
رنگ برنگي ڌاڳن سان، هوءَ منهنجو من سيبائي وئي.

آئيني جي آڏو بيهي مُرڪي ٿي ،شرمائي ٿي،
چيچَ چپن جي وچ ۾ ڏيئي، دل جي ڳالهه ٻڌائي وئي .

نيڻ ڪٽي ته ميڻ ٿئي دل ، باهه ۾ چڙ ٿي برف پوي ،
عشق جي اوتي جوت اکين مان ڪير ۾ کنڊ ملائي وئي .

رستا هن جا روز نهاريان ، گهر کي ٿو "ايوب" سينگاريان،
ڪالهه خبر پئي ، پاڙي مان هوءَ پنهنجا پير گهمائي وئي .

ڳايل
منظور سخيراڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻَڪي ٿي پئي آن ، ٻَڪي ٿي ستائين ،
ٿڪي آهين شايد ، جهَڪي ٿي ڳالهائين.

اڃان تو جڏهن مان ، اٿي ڇو وڃين ٿي ،
۽ ماڻهن جي واتان ، ٿي مِٺا مُنجائين .

پرين پيار ڪان مان، رهان ڪيئن پالهو،
ڏنل ڳنڍ ڪي ڇو ، ڇِڪي ٿي ڇِنائين .

ٿهڪَ ڏي تون ساڳيا ، وري دل کي کولي،
اجايو ٿي اُڏمن ،ڪي وِٺي دٻائين .

مڃان تو ته سهٽو ، نه مان وڌ تو کان ،
مگر تون به سهٽي ، ٿي مون کان ڇوائين.

ڏکيءَ ۽ سُکيءَ ۾ ، ڏنم سات توسان،
ايوب کي اجا به، پئي آزمائين.

ڳايل
سرمد سنڌي،
غلام شبير سمون





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حسن تنهنجو، جيئن جيئن ٿو جوڀن ڪڍي ،
عشق منهنجو، تيئن تيئن ٿو تڙپي تڳي .

سونهن تنهنجيءَ جون ساڪُون ستارا پَرِن ،
چَندَ ڪي مَندُ تنهنجي ٿو سامهون لڳي .

وار ڪولي جڏهن تون ٿي بِستر سُمهين ،
رات ساري ٿو ڪمرو پي جهومي نَچي .

ويسُ ڳاڙهو ڍڪي ، مون کي جو ٿي ڇُهين ،
باهه پيٽرول کي پوءِ ڪيئن نه لڳي .

مان ٿو مُرڪ گهران ، تون ٿي ٺهڪ ڏئين ،
مان ٿو ماسو گهُران ، مون کي مَڻ ٿو ملي .

تون سَراپا حَسين ، تو تان صدقي جَهَان ،
جانِ مَن جانِ جان ، جانِ تو تي مري .



soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زهر کائي جيئجي ،
سونهن ڏوئي پيئجي .

جي پَٽن پاڙوئون ڪٽي،
نينهن نہ ٽوڙي نيئجي.

ڪيترو ڪُرڪَن پلي ،
پوءِ بہ پنهنجو ٿيئجي .

رات جي راوڻ اڳيان ،
رامُ بڻجي بيهجي .

ڇپيل
"عبرت" مئگزين
١٥ جنوري ١٩٩٢ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روز لِڪي ليئا ٿي پائين
مونسان باقي، ڇو نہ ڳالهائين

ڪنهن جي خاطر، چاندي ٻُت تي
گهڙيءَ گهڙيءَ ٿي ويس مَٽائين

ڪولي ياد جو البم، مُرڪي
پنهنجو پاڻ کان پئي شرمائين

گونگي ٻوڙي، چنڊ کي اڪثر
دل جا هيڪل، حال سڻائين

پنهنجي مُنهن سان ويٺي ويٺي
گيت "ايوب" جا پئي ٿي ڳائين

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڳلَ تي ٽپڪي ، ياد تہ هوندءِ .
پئي هئينءَ هَڻڪي ياد تہ هوندءِ .

ويجهو ويجهو ، ايندي ايندي،
دل هُئي ڌڙڪي ، ياد تہ هوندءِ .

تَهہ سيارو ، پگهر بدن تي ،
وِڄُ تي ڪَڙڪي ، ياد تہ هوندءِ .

هوءَ ڊسمبر ، رات ڏکيري ،
سُسِ پُس هَلڪي ، ياد تہ هوندءِ .

ڀيڄ ڀنيءَ جو ، نيٽن مان پئي ،
جوت ٽي جرڪي ، ياد تہ هوندءِ .

ڳايل
عاشق نظاماڻي





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ائين وارنہ کولي گھمندي ڪرءِ پانهن نہ لوڏي هلندي ڪر،
هن شهر جا ماڻهو مجنون ٿئي، ڪنهن سان بہ نہ پُلجي ملندي ڪر.

رنگُ تنهنجي ڳلن جو چورائي، ڏس انڊلٺ آهن رنگ ڪديا
هٽ هِر اک آهي ڪئميرا، ڪنهن ڏي بہ نہ مُرڪي ڏسندي ڪر

چَپَ لال گلابي ، ڪجليون اکيون ، پازيب ،هَسي ۽ گجرا سڳيون ،
ائين سورنهن ئي سينگار ڪري ، هن لوڪ اڳيان، تہ نہ ايندي ڪر.

تو خط پڙهيا تي منهنجا لِکي ، سا ڳالهہ کُلي وئي ڪين ڇُپي ،
ڪنهن ڏائڻِ جي وئي نظر ڪُپي ، خط دل ۾ لڪائي رکندي ڪر.

پئي زلفن رُخَ تي هلچل ڪئي، دل سَٽَ ڪاڏي، چَپَ ڪيچل ڪئي ،
تو منهڙو مٽيو، دل ڦتڪي پئي ، "ايوب" سان ائين نہ وڙهندي ڪر.

ڳايل
اسلم تنيو

sootihsindhiadab



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجُ تي سياري جو سُهڻا ، جُونِ جي نِنهڻ نہ ٿي،
برکا تي بوندون وساءِ، بي تُکي تِرکڻ نہ ٿي .

تو بنان ٻُوسٽ آ من ۾ ، هيانءَ ۾ هُر کُر گهٽي،
هِيرَ ٺهڪن جي هَلاءِ ، ٻُٽَ جو ٺِمجهڻ نہ ٿي .

گئونچَ مان تي گل پيو آ ، ماکَ آتي اوتَ لئي ،
وقت ويندو پن ڇاٽي ،پيار جي پاپِڻ نہ ٿي .

چنڊُ سامهون ، پئونرُ پرِ۾ رات جو پويون پَهرُ،
چو تي ڇِرکين ، کُرکي ڊُرکين ، ايڏي تون بئنشڻ نہ ٿي .

وارَ ڪڪرن جيان کنڌائي ، پيار جون پينگهون لڏون،
آهي جنت اِن گهڙين ۾ ، اڄ تہ انڪارڻ نہ ٿي.





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيلي اڪيلي ، آئينو ڏسين ٿي ،
ڇَپن ئي ڇَپن ۾ ، ڇو بيٺي کِلين ٿي.

اکڙين جا ڏورا گلابي گلابي ،
ڪجل تن ۾ پائي ڇو ڪونڌر ڪُهين ٿي.

رُڪجي وڃي ٿي ، ڪائنات تنهن پَل ،
جڏهن ڪولي ٻانهون ، ڪَرَنِ کي پَچين ٿي .

ڏهہ ڏهہ پيرا وڳا ٿي مَٽائين ،
پازيب پيرن ۾ پائي هلين ٿي.

تتل جسم منهنجو ، اندرُ باهہ ڪُورا ،
عقل ڪر انهي تي ڇو آگُر رکين ٿي .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هُن جي اَهنجي ، ياري آهي ،
منهنجي توبهه زاري آهي .

منهنجون ڳالهيون واءُ کان هَلڪيون،
هن جي وِڪَ وِڪَ ياري آهي .

مُرڪ ۾ ساڳي ، موتَ نه آهي ،
جڻ ڪا ڏُکڙ هاري آهي .

اتفاقاً جي ملي وڃي ٿي ،
ٻٽجي ويندي ڌاري آهي .

ڏسڻ ۾ هُن ڏي ڏوهه لڳي،
جڻ ، بِيبي سَترُ واري آهي.

پيار جو ويري ، هڪڙو ناهي ،
دشمن دنيا ساري آهي .

چپيل
"عبرت" مئگزين
ڊسمبر ١٩٩١ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

توکي بہ شل عشق لڳي پئي ، تو کي بہ تڙپايان مان ،
جيئن ڪيو ٿئي مونسان ناحق ، توکي تيئن روئاريان مان.

مَنَ ۾ مورت منھنجي مُرڪئي، ھر ھر مون کي سارين تون،
پيار جي پيڙا ، سڪ جا سُڏڪا ، توکي روز پرايان مان.

چوڏھينءَ رات جو چنڊ چڙھي ، تنھنجا چاڪَ چڪائي ڏي،
چنڊُ مان ٻئجي مُرڪي ، توکي ساري رات جلايان مان .

مان تہ گھٽو تو پاڻ پَليان پر ، دل ئي وس ۾ ناھہ صفا ،
جھڙي تون آن ، تھڙي دل آ، ڪنھن سان سينو ساھيان مان.

ھونئن تہ دل جو ننڍڙو خانو، سڪَ سمونڊن ڪان بہ سوائي،
پيار منھنجي تي پَتِ نہ ٿي تہ ، چيري دل ڏيکاريان مان .

جذبن جي تون قاتل آھين . توسان ڪھڙو ناھہ ڪبو،
ناھہ ڪري چا پنھنجي دل تي، پيھر مگ ڏرايان مان .

توکي آھي ناز حُسن تي ، حُسن ھميشہ رھٽو ناھي ،
ھوڏ ڇڏي "ايوب" ڏي آءُ تون ، ھينئڙو ھنڌ وِڇايان مان.

ڳايل
عاشق نظامائي



sohnisindhiadab

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽر دل ڇا ، ڇاڻن ماڻهو .
ڪنهن کي ڪين سُڃاڻن ماڻهو.

شطرنج جا هي هلندڙ مُهرا،
جذبن کي ٿا جلائن ماڻهو .

ماکيءَ جو مانارو خالي،
دونهان پو بہ دکائن ماڻهو .

خاموشين جي ڪندر ۾ بہ ،
چو ٿا چِرڪ پرائن ماڻهو .

زخم زخم ، ناسور بڻيو آ،
اندر پو پي گهائن ماڻهو .

آس اُميد "ايوب" اڌوري ،
راهن مَنجهہ رُلائن ماڻهو .

ڳايل
غلام شبير سمون
نظير سمون





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رات مون راڻل خواب ڏٺو ،
ڇُلندي شوق ، شباب ڏٺو.

ڳلَ ڇپَ ڳاڙها ، نيڻَ غزل ،
رُخ تان هٽندي نقاب ڏٺو .

راز اندر جا ٻولي وئي ،
ڪليل ڇپن جو ڪتاب ڏٺو .

خط کي کولي مُرڪي پئي ،
هن جي منهن تي حجاب ڏٺو.

اکڙيون هيون يا مئخانہ ،
"ايوب" کي پئندي شراب ڏٺو.



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

احساس اڏامي ويا،
هيرا بہ وِڪامي وِيا.

ڇَهرن تي ماسڪ چاڙهي،
ڇُهڙا بہ اگهامي ويا.

چلڪي جا چوغا پائي،
سورج ڏي سلامي ويا.

اميد جا هَتر ڏيئا،
سي ڪالهہ اجهامي ويا.

منصور جهڙا رهجي،
سچ ساڻ مُدامي ويا.

چپيل
عبرت مئگزين
جولاءِ ٩٢ع



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏي هِيرَ ، ڏئي جهِيرَ ، مِـهٽن سان ماريـو،
ويسارا تـو مـون کـي ڇـو آهـي وسـاريـو .

جـوانـيءَ جي جُهلکـي ۾ اُڏمـا پَڇـن تـا ،
سڄو ڏينهن اُلڪي ۾ هينئڙي آ گهـاريـو .

جيئـن تنهنجـي نـڪ ۾ ڦُـلي آهـ قـاتـل ،
منهنجي دل بہ توسان ، وڪڙ آهـ ڏياريـو .

ڇـوهـا ڪـي ڇيڪـا ، ڏئـي اڄ وسـي پـئـہ ،
اُجهـي اُڄ ، اُڄ جـي، ايڏو اڄ تـہ پيـاريـو .



sooriihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجي راڄ راڻي ، سياڻي هلي آ ،
ڪري ڪُوڪَ ڪوئل ، نِماڻي هلي آ.

نِڪٽ ٿين پيا جهيڙا ، ٿين سور پيڙا ،
وَڃي رات پئي ٿي ، وِهاڻي هلي آ.

ڪڪر ڪن ٿا ڪيهون ، رڙي ڪن ٿا ريهون،
سِکهو واءُ ٻڌجي، اُڏاڻي هلي آ.

ڀنيٽ باھ ڀڙڪا ، سنڌءَ سا ڳيا دڙڪا ،
ڇڏي پنهنجي عادت ، پُراڻي هلي آ.

چري دل سڙي ٿي ، ڏئي جيئڻ ٻري ٿي،
ڪري قياس تنَهن تي ، ڪو هاڻي هلي آ.

ٻني رُت بَسنتي ، ستارن جي مَستي ،
اَهي رات ڪيڏي ، سُهاڻي هلي آ.

چپيل
ادبي بورڊ ٽماهي "سرتيون"
جنوري کان مارچ ١٩٩١ع



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻ پـــــڌائـــــن ، راز نـــــرالا،
ڇُلڪـــــي پلَڪــون ڪــولــن تــالا .

هيـــرَ وِڪيــري ، وارَ پٽـــونئـــڙا ،
اُڏري پـــــوتـــي ، جُهـــومـــن جهــالا .

ڇَپـــــن ڦـا ڪـــــون ،جڏهن ڇُريــون ،
مُرڪي آڇئون ، مـــــوتـيـــن مــالها .

مُرڪــون تنهنجــون ،مـــــٽ ڪـٽـورا ،
ٺـهـــــڪ ٽــو پانيان ڏينهن جُهڙالا .



soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏي سهڻي ، موسم آهي ،
جُهڙ سان ڳڏجڻ دل ٿي چاهي.

وڄ وراڪا ، ڪڪرن ڪڙڪا ،
سارنگ آيو ، ساٿ سان ڪاهي .

ترُوَسي ٿو ، برُوَسي ٿو ،
توکي وسڻ ۾ ، باقي چاهي.

ريس ڪري ٿي ، اندلٺ توسان ،
سَونهن تنهنجيءَ سان سينو ساهي .

هنجَ ۾ منهنجي ، هيانءُ رکي ڇڏ ،
ننهن ننهن سان ڪجهه ورندو ناهي .

ڪَڻ ڪَڻ وانگي ، ڪرڪر تنهنجي ،
درد وِڌو آ ، دل ڪَيَ ڏاهي .

چَئن چپن ۾ ، جنتَ جهوٽو ،
ڏُس ڏنو آ ، مون کي ڏاهي .

ڳايل
آواز :سيما ناز
موسيقي فيروز الدين
پروگرام "پرک" پي ٽي وي ڪراچي
ڇپيل ماهوار "بختاور" ڊسمبر
١٩٩١ع



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انـدلـٺ جهـڙا رنـگ اڪيـن ۾،
لاک رتـــــي لالاڻِ لڳـــــن ۾.

تر جي ذرتـي منـهنجا انگـڙا،
بـونـدَ وسـائـج ٺـوٺ رڳـن ۾.

چوڏهيــن جهـڙو چنڊُ لڳي ٿـو،
تنـهنجو چهرو چِٽـن چِڳـن ۾.

سپـنن ڪـان وڌ سُنـدر آهيــن،
چـڻ ڪـي ناريـون لال وڳـن ۾.

گونـدر ڪـاٽـي گـوءِ ٻـه ڪَٽبي،
اهــڙي ريڪـا آهـــي هٿـــن ۾.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ ٻي پوڙهو هئو
ٽوهه پي، ڪئوڙو هئو.

تنهنجي گهر، ڪي پي به پرين
هر طرف لوڙهو هئو.

هو تاس ۾ جنهن ڏي پڳم،
ڏنڊي نه هئي ڏورو هئو

آهه منهنجي، عرش تي هئي،
پر لوڪ ته ٻوڙو هئو.

ساري رات ذهن ڊوڙيو،
ان جهليل گهوڙو هئو.

سونهن جي ديوي چورايم،
جڳ مگر، سوڙهو هئو.

چپيل
نئين سوچ ڊسمبر ۹۱ع





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دل جو پنڇي ديرو ڳولي.
ڪوئل تي آکيرو ڳولي .

نٿهڻ اُس ۾ ڪونج اڪيلي ،
ڪَنهن جو تي پئي پيرو ڳولي.

چوڙيا ءِ جا ، ڇَپَ سُڪايل،
ماڪيءَ جو مانارو ڳولي،

آشائن جا ديپ اُجهاٽل ،
قسمت جو پئي ڦيرو ڳولي.

ڳلڙن تي ، ڳوڙهن جون بوندون،
پيار جو تي پانڌيئڙو ڳولي .

ڳَم تيل گهاگهر چوڙيون چاهت،
وري تي هڪڙو پيرو ڳولي .

ريڊيو پاڪستان خيرپور تي پڙهيل.
ڇپيل "نئين سوچ" ڪراچي
فيبروري ٩١ع
هفتيوار "سنڌو" حيدرآباد ٧
فيبروري ٩١ع



soorhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شاعر جاڳي ، تارا جاڳن .
ڪي ڪي ماڻهو پيارا جاڳن.

هر پاسي آ ڳُگهه انڌيرو،
منهنجي گهر جا چارا جاڳن.

ڏوڙي ڏوڙي لوڪ سُتو آ،
مِل سان گڏ مِل وارا جاڳن.

سسڪيون اُڀرن دور فضا ۾ ،
دانهون، دردَ ، اشارا جاڳن .

صدين کان هن پريم نگر ۾ ،
پيڙا ۾ مون پارا جاڳن .

چپيل
"نئين سوچ" ڪراچي
جنوري ١٩٩١ع



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هير گهلي ٿي گل لُڏن ٿا.
جڻ ڪوئي پيغام ڏين ٿا.

پئونر گُلن کي پاڪيون پائن،
خوابَ هندوري ۾ جهومن ٿا.

پَٽ پَٽيهر، اَطلش، عَطر،
هُن جي پيرن منجهه پَوَن ٿا.

هن جي ٿڪن تي او سائين،
ٿَرَ تي ٿڌڙا مينهن وسن ٿا.

سائي چير ڳاڙهي ساڙهي،
ڪئميرا ۾ رول ڦِرن ٿا.

ٿر جي نينگر جُهڙ ڏنو آ،
ڪلهين ڪارا وار ڪُڏن ٿا.

مينهوڳيءَ ۾ بيٺي مرڪي،
نينهن کي ويتر، نيشَ اچن ٿا.

چپيل ماهوار "پارس"
ڪراچي جنوري ١٩٩١ع
پندرنهن روزه "عبرت مئگزين"
فيبروري ٩٢ع
ريڪارڊ ٽيل ٽي وي پروگرام "پرک" ۾
آواز عاشق نظاماڻي
مئي ١٩٩٢ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪِج ڪِج ، ڪِج ڪِج ، ڪِلندي ڪِلندي.
واهہ وٺي وئي ، وِيندي ويندي.

ٺَهہ ٺَهہ سان گڏ ٽاٽا ماٽا ،
چوهَ ڇنڊي وئي چُلندي چُلندي.

دور دري ڪان جهاتيون پائي ،
مورن وانگي ٽِلندي ٽِلندي.

سانجهيءَ ويل اچڻ جا واعدا ،
سالَ لنگهي ويس ڏيندي ڏيندي .





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رات ڏاڍي سخي ، شوم آهين تون ڇو،
ڇڏ ڪتي ڪر ٻڌي ، وقت ويري وڏو.

رات جي سيج تي ڪَرَ موڙي سمهون،
ڪهڪشان جي نظارن ۾ ڏاڍو مزو.

پوهه پارا پَونَ، ڇَپ ٿَرٿَر ڪنبن،
ٻاهه ٻُتَ مان ڪڍي، تن کي ڪوسو ڪيو.

شوق نيٽڻ منجهان ، ٽُپ ٽي پيو ڇُلي،
آ ته ايڏو پيئون ، پَئي نه پنهنجو پتو.

چنڊ جي چاهه ۾ ، ڪو اُڏاڻو وري،
ڪيئي پيرا ڪريو ، پوءِ به ناهي ٿڪو.

ماڪ پئي ٿي وسي ، گل وهنجن پيا ،
ريس تن سان ڪري، ڪجهه ته اڳتي وڌو.

گهل کي ڇڏ ڪٽي ، خار کي ڪر ڦٽي،
آءُ اَوري هلي صبح ٿئي نه ڇنو.

ڇپيل
هفتيوار سنڌو
۲ مارچ ۱۹۹۱ع





soomhsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنھنجي سونھن ئي منھنجي ڏات.
تو بن منھنجي ڪھڙي ذات ؟

اُجرو چھرو وِکريل وار،
جڻ ڪا چانڊوڪيءَ جي رات.

سنڌوءَ ۾ جيئن، سِڙَھ پيڙين جا
تنھنجي قد جي، تھڙي بات

اُڌما اُڻ تُڻ ، تَڙپ تَشنَگي ،
تو ئي ڏني آھي سوغات .

ساري رات تو پڇران ڪامان ،
آءُ ڦٿي پئي ڪا پريات .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنهنجي چوٽيءَ ۾ گُل.
سڄي پاڙي ۾ هُل.

توکي ٽِلندو ڏسي،
اندر آئي اُٿل .

تنهنجون اکڙيون سيراهي،
ڪَيَئُون سيني ۾ سَل .

ڪيڏي سُندر آهين،
توکي ڪانهي ڪا ڪَل.

تنهنجا نخرا نوان،
واهه تنهنجا انگل.

"ايوب" عاشق ٿيو ،
ڏسي تنهنجا شُغل .

ڳايل
عاشق نظامائي





soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽي پَہن تي پيرَ هلي آ.
پُڻ جهڻ ڪان بہ سوير هلي آ.

چَندَ جي چاندوڪي چورائي ،
گهٽَ، لَتاڙي گهيرَ هلي آ .

سَرنهن بہ بيٺي آ ڦولاري،
خوشبو آ ،چئو ڦير هلي آ.

ڪَتين بہ هِن ڪَرڙا موڙيا ،
ڏاڍي ٿَئي پَئي دير هلي آ .

”ايوب“ جون تولئي آڻ ڪٽ آچون،
محبت ڍيرئون ڍيرَ هلي آ.

ڳايل
شفيق منگي





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُن جي بُت تي ڇُهنيو چولو.
منهنجي مَنَ ۾ ڀَڙڪيو شعلو.

اڱڻ ۾ ايندي اَنگ پُسي پيس،
پوريءَ کي ڪو پيئو نہ پولو.

سَڙٻَٽ سَرٻَٽ، هوا جي سُر سُر،
سُس پُس، سُس پُس ساهہ کي اولو.

بَرکا بس تي، وار وسن پيا،
منهنجي اکين جيئن آهي ڍولو.

ڇپيل
عبرت مئگزين ۱۵ ڊسمبر ۹۱ع.

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيڏو تنهنجو چاهُ چپن ۾ .
هاءِ هي منهنجو هانءُ هٿن ۾ .

مُرڪ تي تنهنجي موتي وِکرن ،
نهن ڏهن تا چُکھ ڳلن ۾ .

نُورَ تي تنهنجي مورَ مَرن ٿا ،
پڌري تنهنجي لوڏ لَڪن ۾ .

سُهڻي هاڻي ، قَدُ ڏگهيرو ،
سونهن تي پلجي يارَ ڪَکن ۾ .

تَرَ جون ڪَکريون تنهنجون اکڙيون،
بَرسي پئي من! هاڻ بَرن ۾ .

"ايوب" تو توتي قيرا پائي ،
واسُ وني جيئن پئونرُ گُلن ۾ .

ڇپيل
ماهوار" نئين زندگي " حيدرآباد
هفتيوار" سنڌو" حيدرآباد
ڳايل : شفيق منگي
آڪاش سنڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنڊراتن ۾ چنڊ ڪُڙيو آ.
موهن دڙي ۾ ديپ ٻَريو آ.

توکان اڳ هو ساڻو جيون،
توئي جيئڻ جو ڏانءُ ڏنو آ.

پياسي دل هئي ڌرتيءَ وانگر،
تون جي برسينءَ، مَنُ ٺريو آ

بي رنگ هون، سڀ منهنجون سوچون،
مُرڪينءَ انڊلٺ رنگ ڪڍيو آ.

منهنجي من جي اونداهيءَ ۾،
تنهنجو چهرو چنڊ ٻٽيو آ.

چپيل
"عبرت مئگزين" حيدرآباد
ڊسمبر ۸۹ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجو جيون ، توبن ساڻو.
اُجڙيل آسون، مَنُ ويڳاڻو .

ذهن جي اُڀَ تي يادون اُڀرن،
ٽِمڪي ٽِمڪي جڻ ٽانداڻو .

چنڊُ چڙهي تو چَڪ هڻي تو،
مَنُ ڪري تو مونسان ماڻو.

چڙبون به هن تنهنجون گلڙا ،
مُرڪ تہ آهي مکڻ چاڻو.

چاهَ چڪيءَ ۾ ڪيئي چاڪر،
پيهن وينا پيار جو گهاڻو .

پنهنجي منهن سان اندلٺ جوڙي ،
ڪيڏو آهي "ايوب" اياڻو .



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا مُرڪ چپڙن تي جاري تون رکجان.
امانت اٿئي سونهن ساري تون رکجان.

سورٺ جا سورنهن ئي سينگار تو وٽ،
نِهنائي نوريءَ ، واري تون رکجان .

مَتان ڪو مَنديِ اک سان تو ڏي نهاري ،
اُنهيءَ لاءِ آتش ۾ آري تون رکجان .

اسان جي سچائي اسان جون وفائون،
اسان جي وفائن سان ياري تون رکجان.

”ايوب“ جي اندر ۾ تنهنجي آهه الفت،
تڏو تانءَ دل جو پياري تون رکجان .



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
soorihsindhiadab

ڪٽڪ جي سنگ ڪي باھ لڳي وئي.
ٻاليشاھڻ رات ڪَڇي وئي .

ڳوٺ وڏيرو مُڇ مَروڙي،
چڙِي تو چوري پاڻ پَڄي وئي .

جنھن پي اڄ آواز اُٿاريو ،
تنھن جي پيڙي ڄاڻ ٻُڏي وئي .

سَچ کي گِرھڻ آھ وڪوڙيو ،
ذھن کي ڪارنھن زنگ وٺي وئي .

ورھين کان سچ ، اُپريو ناھي ،
سانئڻ جي آ ، عُمر لنگھي وئي .





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنهن جي ڪُوڪَ ڪُتي اڄ ٻار.
فضا ۾ ڦٿڪي ٿي گونجار.

سونهن جو ويري سونهن لُٽي ٿو،
ڇَٽي گُلن تي ٿو اڱارَ.

ٿر جي واري ڪنهن اڏاري،
نرگس نيڻن، منجهه غُبار.

ڇيهاڙيون ڇو، چولو تنهنجو،
وڪريل وڪريل، اٽيا وار.

او هارياڻي، ڪيسين رهندي،
تنهنجي گهر تي جبري جهار.

چيبل
هفتيوار "سنڌو" حيدرآباد ۴ اپريل ۱۹۹۱ع



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجون يادون، رڻ ۾ راڙو.
سَهسين سُڏڪا سَاهَہ کي ساڙو.

سوچون ٿوهر، يادون ڪنڊا،
مَنَ ۾ پوسٽ هِيانءَ ۾ هاڙهو.

مُرڪڻ، ڪُرڪڻ، سُرڪڻ ڏُرڪڻ،
آسَ اڌوري، دل تي ڏاڙو.

جيون سان تون، جاڙَ ڪري وئين،
بي جان بُت آ، جڻ تہ ڪَباڙو

پيرَ پچي پيا، اکين ۾ اوندهہ،
چُڪي، چڪڻ بِن، ڪونهي چاڙهو.

سارا منهنجا، گيت ڪوماڻل،
سُر بي ساٿو سازُ بہ پاڙو.

چيبل
ماهوار "نئين زندگي"
حيدرآباد فيبروري ۱۹۹۰ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنهنجي چوٽيءَ چَندن چُورو.
ڪپڙا ڪارا بدن پورو .

ريشم ڳُت ۾ گُلَ گلابي ،
نينهن جو آهي رنگُ نِسورو.

هرڪو پاڻ کي ناهي آيو ،
تنهنجي آڏو پوبه اڌورو.

مندون مَهڪن تون جي مُرڪين،
چَپڙا چوريو اندلٿ جوڙيو .

پيارَ جا چُلڪن پيمانا تا ،
اُجَ اُجهايو ، اوتي تورو.

اکين کي ايڏو نه تِرشايو،
سمجهي ويندو هر ڪو چورو .



چورُ اکين سان چَاهُہ تي چوري.
کاٿ ڳُجھن سان دل تي کوري .

هِڪَ جيڏين ۾ ويٺي مُرڪي ،
دل جو ڪنهن سان حال نہ اوري.

ڳُجهيون ڳالهيون ڳوٺ ٻڌائي،
لَفظ ڪنديري، تَڪي توري.

ڏاڍي منهنجو، هانءُ نہ هن مان،
سُرڪَ پيئان تو هوري هوري.

ويندي ويندي آهہ رکي وئي،
ڳاڙهيون چوڙيون پنهنجون پوري .

ڇپيل
ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد
ماهوار "بختاور" حيدرآباد
جنوري ١٩٩١ع ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تو جي لڳايا ها ڇوٽيءَ ۾ گُلَ .
سانديي رکيا تہ پَنَ سي سُڪلَ .

سڄي رات ساهَن ۾ سُرهاڻ هُئي ،
صبح جو ها ڇوڙين جا ٽُڪرا ٽٽل.

ڇرنڊڙ ڇپن تي لڳي وئي مُهر ،
جڏهن خط پراڻا ڏٺئي جو لکيل

اُٽندي تڪڙ ۾ وساري وئينءَ ،
پالش ننهن جي ۽ سُرخي ڪَجَل.

يادن جا زيور "ايوب" جي حياتي.
فوٽو پراڻا ۽ وڊيو پَريلَ .

ڇپيل
"عبرت مئگزين" حيدرآباد
هفتيوار "سنڌو"
آگسٽ ١٩٩٠ع

soorhsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هـڪَ تـون بـي چَئـي ، ٻـي دل بـي چَئـي .
هارَ ڪنهن نـہ مڃـي ، منهنجـي عُمـر وئـي .

هر پَلڪ هر گهڙي  تون ٿي مون سان وڙهين،
دل تہ سمجهـي نـہ ٿـي  تـو آ ڪيڏي ڪئـي .

سونهن جي پيالي مان تو مان سُرڪيون پريان،
سُـرڪَ پيـاري ڏڪـاري، اُتـاڙي ڇڏيئـي .

اکيـون تـوکـي ڏِسـن اُٺـڻ جـي ڪِيـنَ ڪَـن،
عجب تـن کـي هـي عـادت ڇڏي تـو ڏئـي .

دل کي مِنٿون ڪري  مَسَ هٽيڪو ڪيـم ،
تـون جـي مـرڪيـنءَ هٿـن مـان ڇڏائـي وئـي.

ڳايل
عاشق نظاماڻي





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دل سِڪڻيءَ کي ڪيئن سمجهايان.
ٻارن وانگر ڪيئن ريجهايان .

چَنڊُ هٿن کان ڏور آ ڏاڍو،
پاڳل من کي ڪيئن پرچايان.

لوڪان لِڪائي لُڙڪ پيئان ٿو،
ڪيسين دل جو دَردُ دٻايان.

ايندي منهنجا ڳوڙها اُگهندي،
پنهنجو پاڻ کي پيو پِرڀايان.

شهر سڄي تي اوندهه ڇانيل،
وينو جذبن کي جَرڪايان .

"ايوب" اندر ۾ اَڻ کُٽ آسون،
سَپنن جا ٿو مَحَلَ سَجايان .



sindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تُنهنجن اکڙين ۾ او سائين، جوتِ جلائي ڪين سگهياسين.
رات رهي پيي راڻل توسان، روحُ رَلائي ڪين سگهياسين .

ضد تنهنجي ۾ زرد ٿي ويا هن، اميدن جا سارا ڪرٽا،
پٿرن جي تہ پهاڙن آڏو ، حيلا هلائي ڪين سگهياسين .

رات سڄي مان توسان تڙپيم، تنهنجي ننڊ ڦٽائي هُئي مون،
آٿي چَپَ چپنِ جي ويجهو، سي بہ پِسائي ڪين سگهياسين.

ٿانداٽي جي ٿَمر ٿِمر وانگر ، آسُن جي اڪيوٽ لڳي آ،
اونداهين جو اَنتُ ڪو آٿي، باڪَ ڦٽائي ڪين سگهياسين.

ٿَرَ جيَ بَر جيان من هو منهنجو، تَنهن کي ويتر تو تڙپايو ،
پياسي من تي بادل آٿي ، بوند وَسائي ڪين سگهياسين .

چپيل
ماهوار "لطيف ڊائجسٽ" ڪراچي
سيپٽمبر ۸۹ع





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو پيار ٻُڌوئي ناهي ·
جنهن ۾ جيءُ جُهريو ئي ناهي ·

تون ڇا ڄاڻين درد اسان جو
تو کو پيار ڪَيوئي ناهي

جَڳُ سڄو مان جهاڳي آيس
تو جهڙو پر ڪوئي ناهي

منهنجي اکڙين سان ڏس ڇاهين
پاڻ کي تو تہ، ڏٺوئي ناهي

عشق جون راهون "ايوب" اٺانگيون
پيار جو پنڌ، ڪُٿوئي ناهي.

ڳايل
تعمير حسين
(ٽي وي پروگرام "گهڙيال")
عاشق نظاماڻي



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اکيون تہ تنھنجي راھُن ۾
آءُ ھلي منھنجي پانھُن ۾

توکي لکائي لوڪَ کان
دل جي ويھاريان ڇانئِن ۾

توريءَ ھکڙو پل نہ سري تو
آھيان سڄو ڏينھن گھاون ۾

توکي ڇو احساس نہ آ کو
دردُ آ ڪيڏو دانھُن ۾

ساري رات وِھاڻي آھي
سائنڻ ! تھنجي چاھن ۾

آھي "ايوب" جي آس اھا ئي
توکي سمايان ساھن ۾.

ڳايل
عاشق نظاماڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نينهن تنهنجو ناسور آلاڙي
پل پل تنهنجو پور آلاڙي

ڦوهه جواني مُندَ ملڻ جي
ٻيرين جهليو ٻُور آلاڙي

ساري رات، اڪيلو تڙپان،
دلبر تي پيو دور الاڙي.

نيڻن جي مَڌ، پيئڻ ڪان پو،
سِڪ ڦري تي، سور الاڙي.

تو بن جانب جيون ڪهڙو،
چاهه ۾ سارو چُور الاڙي

چپيل
هفتيوار چاندڪا لاڙڪاڻو.

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

.پيارُ جي ٿو ڪرين ، دل ڪڍي ڏارَ ڪر.
پو پرينءَ کي ڇئج ، وارَ تي وارَ ڪر.

ڏينهن ڏينهوءَ مِثل ، نينهن نيزي مِثل،
ساهُ سوگهو ڪري ، جانِ تي جاڙَ ڪر.

نينهَن راحت نہ ٿئي ، ڇپَ چاهتَ نہ ٿئي ،
زهرَ پيالو پري ،وات تي لارَ ڪر .

سِڪَ ڪوري اٿئي ، پِڪَ پوري اٿئي ،
پاڻ پُختو ڪري ، ويهي ويچار ڪر .

عِشقُ فِڪرات ٿئي ، سونهن سقراط ٿئي
موت کي مات ڏئي، موت تي مارَ ڪر

چيبل
ماهوار " نئين زندگي"
آڪٽوبر ١٩٩٠ع



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ اکيـڻ جـي آکيــرن ۾ .
چاھُ آ چمکيو چانـدوڪيـن ۾ .

چِلکـي تـي اڄ چـولـو پـائـي
ٽَـڙڪـو پَئـي پَـلُ ٽانداڻن ۾

رات اُما مَـن ! يـاد تـہ ھـونـدئـي
جڏھـن ويـھـاريـو ھئـي ڇَپـرن ۾

پيـچ پَنـيءَ جـي ويـلَ ھـلي آ
تـوکـي تـوريـان مـان گــڙن ۾

ڪڏھن ڪڏھن تہ فون ڪندي ڪر
رھنـدو آھيـان اوسيئـڙن ۾

اڄ تـہ وَسـي پئـہ وارَ ڪِنـدائـي
رُوح رَڄـي پئـي بـرسـاتـن ۾

پڙھيل ريڊيو پاڪستان خيرپور
ڇپيل ماھوار ” بختاور“
مئي ۱۹۹۱ع





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي چنڊ پرينءَ ڪان آءُ پڇي، ڇا توکي ننڊ بہ ايندي آ ؟
جنهن ڏينهن رُٺي هوءَ مون ڪان آ، تنهن ڏينهن ڪان دلڙي ماندي آ

هر رات جي سانت ۾ سڏڪن سان، تو نيڻين نير وهايان مان
ڇا هوءَ بہ راتين جون راتيون، مون وانگي ويهي رئندي آ؟

ڪلهہ رات بہ مون تو ڪان هو پڇيو، پر تو ڪي ڪوئي قياس نہ پيو
ڏس چنڊ ڏوراپا مون وانگي ، ڇا هوءَ بہ توکي ڏيندي آ؟

ڪنهن ياد ڪي ڪوري ڪپي ڪيڻ ، ڪو ايڏو سئولو ڪم ناهي
"ايوب" جي نانءَ ٻُڌڻ تي هوءَ، ڇا ويني ڇرڪ پرندي آ ؟

ڳايل
عاشق نظاماڻي (ريڊيو پاڪستان خيرپور)
سرمد سنڌي
اسلم تنيو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِجهي گھندُ جڏهن، ڏنئين مُنهن گھنجائِي
وئي ڇڻ اسان کي، ٻَلاڙا ٻَڄائي

اَلائي تہ ڪهڙيون اسان جون خطائون
نہ ٿي حال اوري ،نہ ٿي ڪجھہ ٻُڌائي

اسا ن جي وفائن کي اُڏهي وني وئي
سگھي ڪين سِڪَ مان هو تن کي بَچائي

سُرو پيار جو هن جي نيڻن نَسُن ۾
سُرندو ئي رهندو پَلي رَتُ مَٽائي

اسان پيار کي آهي پوڄا ئي سمجهي
گُناهن جا هو پَلُ تہ ليبل لڳائي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماضيءَ وانگي، رسي ويا هِن،
منظر سارا، ڪٽي ويا هِن.

”مينٽل“ محبت، منجهه بڻائي،
قرب جا هٽڙا، ڪڍي ويا هِن.

”اي سيءَ“ ۾ جي گهارن ٽا پيا
جذبا تن جا ڄمي ويا هِن

جڏهن وڳي ٿي فون جي گهنٽي
”رانگ نمبر“ چئي رکي ويا هِن

ڏات ڪي ڏنگ ڏهوٽا ڏيئي
”ساري ڊيئر“، چئي ويا هِن

وَهي ڪري وِهُه وري نه آيا
شايد رستا ڀُلي ويا هِن

چيپل
ماهوار ”بختاور“
آگسٽ ۱۹۹۱ع



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار ُتوسان منهنجو ساڳيو آ
تو مون کي ڪيئن وساريو آ

رات ڏينهن آ تات تنهنجي مون کي
هر گهڙيءَ ساهه توکي ته ساريو آ

دَرَ دَرين ۾ گهٽ گهٽين ۾ تو لئه
واجهه وجهي مون هميشه نهاريو آ.

گيت مُنهنجا گونجن ٿا فضائن ۾
آهُن منهنجن ته اُپ کي به ڏاريو آ

ڳايل
منظور سخيراڻي

soorhsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هوءَ تي پٺي يارَ رُکي آهي
وٺي هن کي ڳالهه ڪُکِي آهي

هُن مُرڪڻ آهي ڇڏيو سائين
ڪا ڳالهه ضرور ڏُکي آهي

يَلُ بَاسي نه بَاسي اُن جي رضا
پر پيار جي هوءَ بُکي آهي

هوءَ هَبڪي هَبڪي مُرڪي آ
پَڪَ دل ۾ دونهين دکي آهي

"ايوب" اندر ۾ آتش آ
دل هُن رِيءَ ڪين سُکي آهي

ڳايل
عاشق نظاماڻي





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خوشبو تنهنجي خَطن ۾ ساڳي
چَاهتَ تنهنجي چَپن ۾ ساڳي

چقمق واري ڪشش رهي ٿي
سانئڻ تنهنجي اکين ۾ ساڳي

چيڪي مِٽي تنهنجا انگڙا
بوءِ بَکي ٿي بدن ۾ ساڳي.

واسيل آهي ويڙهو سارو،
ميندي تنهنجي هٿن ۾ ساڳي.

تنهنجي گهر ڪان هوا گهلي جا
اچي ٿي منهنجي ڪَکَنِ ۾ ساڳي

sooriinsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فون جي گھنٽي وَڳي آ.
دل ھٿن کان اڳ پُڳي آ.

ياد جو کوليو مون البم،
ذھن تي ٽي وي ھلي آ.

ٿڪ تي ڪونجون اُڏاڻيون،
مُرڪ تي موسم مَٺي آ.

ڄڻ تَراشيو ھُن ڪي سارنگ *
سونھن جي ديوي سڄي آ.

ڪالھ جيڪا ڪاڪ تي ھُئي،
اَڄ منھنجي مومل بَڻي آ.

* (سارنگ : آغا سليم جي
ڪھاڻي "روشني ءَ جو سفر" جو
سنگتراش )



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نَڪَ ۾ سونو ڪوڪو جَرڪي.
منهنجي دل جو دَرُ ٿو کَڙڪي.

ريشم جهڙا وار نه ڪول،
مَن اڱڻ تي وِچ ٿي کَڙڪي.

چَپَ چُرن ٿا چَاهَه وڌن ٿا،
ٻارن وانگي دل ٿي هَڙڪي.

مُرڪُون تنهنجون مَڌُ ڪٽورا،
آتو منهنجو شوق ٿو ڀَڙڪي.

مُنڊيءَ تي جِڻ ٽِڪَ لڳل آ،
پيارُ ڪيو مون آهي پَرڪي.

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

خوشبو وانگي سونهن ڪندي وئي.
هر پاسي آ ، هَاڪَ هُلي وئي.

جڏهن ڪانُ هوءَ ساماڻي آهي،
پاڙي ۾ آ جَهارِ وڌي وئي.

آئيني ڪي ڏسندي ڏِسندي،
آئيني ۾ ڏار وجهي وئي.

گهر جي آڱر مان آ نڪتي،
ويڙهي ۾ آزار ڪري وئي.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تنهنجي وارن ۾ ايڏو آ سهڻو ٻڪل.
جڻ "بخاريءَ" لکيو آهي نئون ڪو غزل.

چَپ سَٽيا ۽ چوٽا چنڊن ۾ پَريل،
چِيرون اک ۾ ويتر تو پاتو ڪَجل.

منهنجو توسان جُڙيل جِيءُ آهي ائين،
جيئن نڪ ۾ ڦُلي تنهنجي آهي پيَل.

سِڪ ۽ سونهن تي ڪِين بندش وِجهو،
عشق اَڻ جهل آ ، ڪائيندو ويتر اُٿل.

ڪنهن جي ياڳن سان ڪهڙيون رِيسون ڀلا،
يَاڳُ منهنجو تہ آهي اَصلئون ڦِٽل.

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

منهنجي پرِ مان بہ گونگن جيان گذرين پئي،
هونئن تہ ٿهڪن جو تو وٽ سدا گل ٽڙيل.

منهنجي دُعائن مان نڪري ويو ڇو اثر،
آهي تو جيئن خدا ئي تہ شايد رُٺل.

شام ساري ٽي وئي آهي اهڙي پرين،
رنگ تنهنجي چپن تي آ جهڙو لڳل.

جو ٽي چالون ڏئين روز هرٽيءَ جيان،
"ايوب" جو منُ تہ اڳيئي آهي مُٺل.

ڇپيل
"عبرت ميگزين" ١٥ سيپٽمبر ١٩٩١ع
ڳايل: عاشق نظاماڻي



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نينهن اسان جو ، ڏينهن جهُڙالو
رِم جهِم رُت ۾ ، رَنگ نِرالو

ٻهه ٻهه سارنگ ، پوڙ آ لائي
جهُومِي جهُومِي ڳاءِ جمالو

پُونءِ پِڇي پئي خوشبو تي پئي
واءُ گهلي پيو تيرنهن تالو

تنهنجي تهڪن تي او سائين
سُرڪي منهنجو مَنڙو ڏالو

سونهن ڪنديريا رنگ اُفق تي
منهنجو من تيو مَستُ مَوالو

مُرڪي جيون گهارِ او جاني
پورن سان رڪُ ڪڏهن نه پالو





soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڃو هڪڙو ڀيرو اسان سان ڳالهايو
اسان پي رُنل هيون اسان کي مَچايو

سَرِ بَزم ويهي تا ٿهڪو ٿِلو خود
اسان جي کِلڻ تي تا بندش لڳايو

سيئي ڏوهه سائين اسان ڏي تہ ناهن
اوهان پي اکين کي جَهليو ۽ لِڪايو

ڇڏي لِڪَ لِڪوٽي ٿيو هاڻ ظاهر
اسان کي اڪيلو نہ رِڻ ۾ رُلايو

رڳو آهي نفرت اسان کي ملي ڇو
ڇا قسمت آ اهڙي، اوهان ئي ٻڌايو

اميدن جا ڏيئا اوهان ريءَ اُجهاڻا
اڃو پيار جي جوت ٻيهر جَلايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روشني ٿي ڦٽي ،تنهنجي اکڙين منجهان
باک ٿي پئي ڦٽي، تنهنجي پنبڻين منجهان

وار کولي جڏهن تون ٿي سامهون اچين
چنڊ ٿو منهن ڪڍي، ڇڙ تہ ڪڪرن منجهان

ڇَاھُ ٿو پيو ڄمي، ڇيلهہ ڇوٽا ڇڳون
پيارُ ٿو پيو ٽِمي ، تنهنجي آنگرن منجهان

ڇيڄَ ڪي ڏنڌَ ۾ ، تو ڇو ڇيٽَ ڏني
رُوحَ رِهون ڪَيون، بند ڪولين منجهان

تَاس ڏَاڍي لڳي ، آ ڪَڪَرُ اُپ مٿان
آءُ پيئون پِرين، اڄ تہ ڪڪرين منجهان

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جذبن جا اڄ ، گئونچ ٽِڙي پيا
چئوڏس تارا ، چنڊ کِڙي پيا

پنهنجي هر وِکَ ، ڪهڪشان ڏي
من جا سارا ، سَازَ ڇِڙي پيا

بي حِس نَسن ڪَر موڙيا هِن
اُڌمن جا اڄ ، ڪوٽَ ڪِري پيا

مَستُ نِگاهن ۾ آ مستي
اکڙين ۾ اڄ، چور گهِڙي پيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عشق تہ آتش آهي سائين
نڪري پوندئي نيڻن مان.

ڪيڏا اوچا ڪوٽ هجن پر،
پيار آ پڌرو ميڙن مان.

ڳالهہ سِڌي ڪر دل جي ڪولي،
چا ورندو آ ويٽن مان.

ڪيڏي خوشبو آئي آهي،
ڳاڙهن ڳاڙهن پيرن مان.

سِڪ ۾ سونهن تي ڪهڙا پَهرا،
آءُ هلي تون گهيرن مان.

حيف آ توکي ڪيئن وساريئي،
”ايوب“ آ تنهِنجي سيڻن مان.

soorhsindhiadab



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن کي ورائـي چـهرو ، تـو چنڊ جيان ڪڍيـو آ.
ڪو خيال ڪو نہ آئُـي تہ ڪنهن جو اندر وڍيو آ .

ساري فلـڪ تـي لالي تنـهنجـي ڳلـن جـي آهـي،
يا دل ڪنهن جيءَ جو دلبر تو خون اڄ ڪيـو آهـي.

پوري بدن تي ڪـارا ، تـو ويـس جـو ڍڪيـا هِـن،
دل جو تـہ هِـڪُ هِـڪُ ڏَهڪـو ، اڄ وِچَ تـي پيـو آ.

تنـهنجي چپن جي چُرپُر تـي، دنيا ۾ آهـي سُرپُر،
خاموش تون جي آهين ، راڪاس مُنـهن ڪـڍيـو آ.

اڄ رنـگ تنـهنجـا راڻـا ، انـدلـٿ تـہ تـي ويـا هِــن،
ڪنهن کي خبر بـہ ڪـهڙي، اڄ رات ڪـو وَسيـو آ.





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا سپنا تنهنجا آهن.
تنهنجا آهن ٻئي جا ناهن.

گيت غزل ۽ وايون ڪافيون،
منهنجا ناهن، تنهنجا آهن.

بُرش قلم ۽ رنگ سمورا،
منهنجا ناهن، تنهنجا آهن.

سازن تي جي، سُرَ ڇِڙن ٿا،
منهنجا ناهن، تنهنجا آهن.

پنهنجي پيار جا، هر هنڌ هوڪا،
منهنجا ناهن، تنهنجا آهن.

ڪوري ڪاغذ تي هي لِيڪا،
منهنجا ناهن، تنهنجا آهن.

scorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آءُ هلي تون ،هيڪر هاڻي.
روز چوين ٿي ، اڄ نہ سُڀاڻي !

ايڏي ڪاوڙ ڇو تو ڪئي آ،
جيڪي چاهين ، ڏيانءِ مان آڻي.

مونسان مِلُ تون مَهَل ڪڏي ڪا،
شال جواني، جانب ماڻي.

عِشقَ ۾ اٽڪل ، جائز ناهي،
ڇو ٿي ڪرين سڀ ڄاڻي واڻي.

ڇو ٿي ڇِرڪين مون کان مِنٿڙي،
سالَ ٿي ويا ، توکي ساماڻي.

تنهنجي جوين جي او جاني،
ڳالهہ هُلي وئي ، هر هنڌ هاڻي.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن نصيبن تي ڪِراس لڳل آ.
جڻ گِرجا تي ، صَليب ٽنگيل آ.

پيار ڳُنڍيندڙ ڏور سين لئي،
منهنجي ڀاڳ ۾ ڇو ڇڳل آ ؟.

جُڙي جيڪا، ڪڏهن نه سگهندي،
اهڙي منهنجي، دل ٽُٽل آ.

پنهنجو پاڻ تي وسُ نه هلي ٿو،
توسان اهڙو نِينهن لڳل آ.

مون لئي آ مانداڻ حياتي،
جيون سارو زهر پريل آ.





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ مُرڪي مِلون پيارَ جي ڇانوَ ۾
سَمندُ ڇوليون هٽي تو پيو هِانوَ ۾

ڏور ڏاڍو وَسين ٿي ورهه ويا لنگهي
هاڻي گڏجي بہ وڃ هِڪ نئين نانوَ ۾

ڇلولاٺيون ڇڏي هڪڙي " هائو " تہ ڪر
آهي ڏاڍو مزو مَنَ! لَهَڻ لانوَ ۾

پيار جو پيچ پُختو ڪري پيار سان
ڪائون بُسري ڪُٽي، اچ تہ هڪ ٺانوَ ۾

پَڪَ ايندينءِ تون ، ڪان ڪان وئي آ وڏي
منهنجو من آ جو اَٽڪيو پيو ڪانوَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



ايوب گاد

رشيد چارڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تَنَ جون هُنَ لئہ تارون تڙپن
نيٹين ننڊ نہ آئي، ڪِيسُ ڪري ويٺو، ڪائي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# صاحب خان "سورھ" ميراڻي

Cell : 0344 3919786



Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وھ اوڀار

جيڻي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر (Whatsapp)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تنهنجا پورا بدلا ڳل ، ماڪَ ڀِنا رابيلي گُل
آتي اوتَ نہ جَهلجي جيڏي ........

عِشقُ اُڀرو مورُ نہ پَلجي ، هر هر هئين اُڇل
آتي اوتَ نہ جَهلجي جيڏي ........

سُرمي وارين سُهڻين اکڙين ، پارِي ۾ ڪيا هُل
آتي اوتَ نہ جَهلجي جيڏي ........

گجُ لِڳن تي ، وِڄُ گگن تي ، ڪينجهر مَنجهہ ڪَنول
آتي اوتَ نہ جَهلجي جيڏي ........

ڇپيل
عبرت مئگزين
هفتيوار سنڌو آگسٽ ١٩٩٠ع.

soomsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

واٽن تي ورنايان ويٺو ، وڇوڙي جي وائي
ڪِيسُ ڪري وئي ڪائي

تَنَ جون هُن لئي تارون تَڙپن ، نيٽين ننڊ نہ آئي
ڪِيسُ ڪري وئي ڪائي

پَل هڪڙي ۾ پَهَرَ لنگهي ويا ، دلڙي گهورن گهائي
ڪِيسُ ڪري وئي ڪائي

يوڳن يوڳن ۾ هوءَ پوري ، جَاڙَ ڪري وئي جائي
ڪِيسُ ڪري وئي ڪائي

هيڏي ڌرتي آنءُ اڪيلو ، ڪوئي حال نہ پائي
ڪِيسُ ڪري وئي ڪائي

"ايوب" اندر ۾ آس ملڻ جي ، صديون اڳ سمائي
ڪِيسُ ڪري وئي ڪائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آئينـي جـي آڏو بيـهـي، شـرمـايـو تـو ڇـو
هـاٺـي ڪنـديـنءَ ڪـو ...
ٻَـهڪـي ٻَـهڪـي ٻُـڪيءَ ۾ ،ڪَنـڌُ جُهڪـايـو تـو
هـاٺـي ڪنـديـنءَ ڪـو ...
ڇِـرڪـي ڇِـرڪـي سڏيـو هُيئـہ ، هيڏي، اڙي، او
هـاٺـي ڪنـديـنءَ ڪـو ...
سانجهيءَ ٽاٽي ويندي وراڻيئـہ ، اِيندمِ اِيندمِ پو
هـاٺـي ڪنـديـنءَ ڪـو ...
ڇَاپَـڙِ ڇَاپَـڙِ ڇَـپُ ڪـري ، لِـڪـي لـوڪ ڪـان رو
هـاٺـي ڪنـديـنءَ ڪـو ...
سسئيءُ وانگر ٻَـرَ ۾ بيهيِ ، واڪا ڪنديـنءَ وو
هـاٺـي ڪنـديـنءَ ڪـو ...
"ايوبُ" تنهنجو آهي ڙي آهي، هوڪو هر هنڌ هو
هـاٺـي ڪنـديـنءَ ڪـو ...

ڇپيل
"سگهڙيـن سـٿ" ڪـراچـي
"عبـرت مئگـزيـن" حيدرآباد
ڳايل
شفيـق منگـي
ريڊيو پاڪستان خيرپور آڪٽوبر ٨٩ع



sooriansindhiadab

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي ڏسڻ سان، منظر بدلجي ويو،

منهنجي گهڙي ۾ ، تنهنجي اچڻ سان
منظر بدلجي ويو

ٻُک جي رَحَل ۾ ، چَهرو چُمڻ سان
منظر بدلجي ويو

منهنجو لکيل غزل، تنهنجي پڙهڻ سان
منظر بدلجي ويو

تنهنجي وارن جي کُلي پوڻ سان
منظر بدلجي ويو





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٽاٽا ماٽا روز ڪري ٿي ، ڏيکُ ڏيکاري ڏِيلُ ٿي ڏاري ،
هر هر منهنجو هيانءُ ٿي ڦاڙي ........

ڳاڙها پَلوَ ڳُت ڍڳهيري ، ايندڙ ويندڙ پئي ٿي ڪاري
هر هر منهنجو هيانءُ ٿي ڦاڙي ........

جُهڙ جي موسم جهڙيون اکڙيون، مڌُ جا اوتي پيالا پياري
هر هر منهنجو هيانءُ ٿي ڦاڙي ........

ڇِٽنگن وارا چَپ گلابي ، ويٺي تن مان آمرت هاري
هر هر منهنجو هيانءُ ٿي ڦاڙي ........

رِم جهِم رات ۾ ڪنوڻ جا کِجڪا، دڏڪا سنڪا ڏئي ٿي ساڙي
هر هر منهنجو هيانءُ ٿي ڦاڙي ........

پردي ۾ جو گهنج پيو آ ، لِڪي لِڪي پڪ پئي تاڙي
هر هر منهنجو هيانءُ ٿي ڦاڙي ........



soorhinsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جانيئڙا اچي مِلُ مون سان ، تو ڇو لڳائي آ ڏيرِ الا
مولا ڪندو تو ڏي خير الا ..........

مَنَ جون تارون توبن ساٽيون ، آءُ تنين ڪِي ڇيڙ الا
مولا ڪندو تو ڏي خير الا ......

تون جي اچين مان پو نَچان ، تارن جي پائي ڇيرِ الا
مولا ڪندو تو ڏي خير الا .......

سيءَ مران ساري رات پئي ، ڪر وِلهيءَ واهير الا
مولا ڪندو تو ڏي خير الا ........

وارن ۾ وِجهي آڱريون ، آءُ اڱي جيئن ڦير الا
مولا ڪندو تو ڏي خير الا ........

جيون جي رِڻ راهه ۾ آهي "ايوب" جو ڪير الا
مولا ڪندو تو ڏي خير الا ........



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوري ، آ او سانورا ، سارو لوڪ ڇڏي

توکي سوسي گجُ ڏِسي منهنجي دل پَڏي
سارو لوڪ ڇڏي...

اکيون واپن ڪين ڪي ، جهوري جيءُ جَڏي
سارو لوڪ ڇڏي...

پشم جهڙا پير ڪٽي، منهنجي آءُ تڏي
سارو لوڪ ڇڏي...

پِرين اچي پينگهه تي ، گوڏو ريه گڏي
سارو لوڪ ڇڏي...

سڏن مٿي سڏ آلا ، ڏيندا ساٿي سڏي
سارو لوڪ ڇڏي...



soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتر لڳو واءُ هينئڙي اندر هُل
هيلَ تہ هَليو آءُ ني...

پاڙيچِيون وَرن سين ، ڪجڪا ڪن ٽيُون ڪِل
هيلَ تہ هَليو آءُ ني...

سَبَرَ پُيو سيءُ، هاٽي چڏا انگل
هيلَ تہ هَليو آءُ ني...

جوين ويئڙو گذري، اندر منجهہ اُٿل
هيلَ تہ هَليو آءُ ني...

ميٺ مَدايون منهنجون ، مونکان ٿي جا ڀُل
هيلَ تہ هَليو آءُ ني...

"ايوب "جي اُڌمن جي ، توکي ڪانهي ڪَل
هيلَ تہ هَليو آءُ ني...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



صاحب خان "سورهه" ميراڻي



Cell : 0344 3919786

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

جيڻي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر (Whatsapp)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ٿا چنگ وڄن تنهنجي چپڙن مان
ٿا رنگ ٿَهن تنُهن‌جي ڳلڙن مان
ٿي باک ڦٽي تنهنجي اکڙين مان
آ، رات ڍڳهي تنهنجا وآر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ھن دل جي ڪنھن کي دانھن ڏيان ، جنھن مون کي ڏناھِن سور گھڻا
تُنھنجي سونھن ڏِسي دل ھِرڪي آ ، پيو پوڳيان راتو ڏينھن ٿو مان

تون سرتين مَنجھ لڳين سھڻي ، چڙ ڪاڪ محل جي ڪا راڻي
تون اُڀ جي تارن ۾ چمڪين ، مان منڇر جو ميرو پاڻي
تنھنجي جلوَن جا مان عَڪسَ چُھي،ھر روز ٿو تنھنجا نيڻ چُمان

تون دل جي دَردَ مان ڇا ڄاڻين ، تو ڪنھن کي دل ڏني ڪونھي
تو تڙپايو آ مونکي سدا. تون پاڻ ڪڏھن تڙپي ڪونھي
تنھنجي اڏمن ۾ احساس نہ آ، مان پنھنجا جذبا ڪيئن جھليان.

تنھنجي سيني ۾ ڪا دل ڪونھي، جي دل ھجي تہ ضرور ڌڙڪي
جي دل آھي تہ دَرُ ڪونھي ، جي در ھجي تہ ضرور کڙڪي
مان ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايان ٿو ، تو منھنجا سڏڙا ڪين ٻُڌا

مونِ آويءَ ۾ اُرمان وِڏا ، مون سوچن کيي تہ صَليب ٽنگيو
مون ٺُوھَ جي ڳُڙ کي ڳلِ لاتو ، مون عِشقَ جو اوکو اٿڻُ کَتيو
مان پيار جي جوت جلايان ٿو ، تو طوفانن جا تيرَ ھنيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سڄي رات ويهي مون تو کي سنڀاليو
نه تون آئين نه تنهنجو نياپو آيو ،
پرهه به ڦٽي پئي ، ڏيئي تيل ٻاريو ،
نه تون آئين نه تنهنجو نياپو آيو.

تنهنجا فوٽو مون سيني سان سانڍي رکيا
خطَ تنهنجا سيئي ، ڏوئي مون پي ڇڏيا
يقين پيار جو توکي پو به نه آيو

چَنڊ چوڏهين جا سوين سامهون لٿا
ديپَ نيڻن جا روئي روئي ٿيا جهڪا
کَهڙي ڏوهه ۾ تو آ ايڏو روئاريو

نه مان "يوسف" آهيان ، نه تون آن "زليخا"
نه تون "حاتم" آهين جو پُڄئي کا سَخا
سِپيءَ پيارَ جيءَ لئيَ تو ايڏو سِکايو

بي قراري حصي ۾ آ مون کي ملي
تون سدا خوش هجين "ايوب" جي دُعا اَٿئي
منهنجي ڀاڳن مون سان، آهي کينَ رَهايو

ڳايل:
غلام شبير سمون





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ ٿي اچي ننڊ ، تَنهن ڏينهن کان
جنهن ڏينهن ٿيون ، اکڙيون چار ،

ٿا چَنگ وڄن تنهنجي ڇپڙن مان
ٿا رَنگ ٿهن تنهنجي ڳلڙن مان
ٿي بَاکَ ڦُٽي ، تنهنجي اکڙين مان
آ ، رات ڊگهي تنهنجا وار

تون چنڊ ستارن کان سُهڻي
تون منهنجي خيالن کان سُهڻي
تون روحُ منهنجو ، جانِ مان تنهنجي
پو ڪيئن رهان تَو کان ڌار

تون شاهہ حُسن تو ۾ شربت
مان پياسو اُجايل هان پِريت
يلي چُڪو ئي ڏي ، مون کي چَسڪي لئي
يا پَلٽ ڪرين تون مُختيار

چو سونهن ذَريءَ لئي ٿي سڪيائين
چو پاڻ کي پَردن ۾ لڪائين
ڪو قيدُ ڪري سگهيو خوشبوءَ کي؟
يا عشقُ جهليو ، ڪنهن ديوار.

ڳايل
رياض سومرو (بلومنگس گروپ)





soorhisindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تَن ۾ تنهنجي تاتِ او سائين
رِڻ ۾ جڻ ڪا راتِ او سائين.

هر پل هر هر، تو لئي سوچان
وِهي وِجائي، تو لئي لوچان
من کي ڪانهي، ماتِ او سائين.

اکڙيون تو لئي، آتيون آهن
لونءُ لونءُ ۾ تنهنجون لاتيون آهن
ليئو پائي ڪر هاتِ او سائين.

تو لئہ دل جو دُوار سجايم
سونهن جي سهڻي سيج وڇايم
آءُ رهون گڏ راتِ او سائين.

رات بہ تو لئي ويهي گهاري
تارن کان پڇ نوبت ساري
پرهہ ڦٽي پرڀات او سائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڳُھـر ڳـلَ تــي تــون تِلــڪُ لڳــائــي
پــو نظــر نــہ لڳنــدئــي
تون جي ڪِلين تي سائنڻ ڪِنوڻ ڪِلي تي
ڪڪرن مان هَلڪي هَلڪي بوند وَسي ٿي
ائيــن هَــلُ نــہ تــون وار ڪِنــدائــي

قَدُ ٿي اڳئي قهري ، سينو ٿي تاٽي هلين
ڪُلهي ۾ پرس ڪاري ، رئو ٿي اُڏاري هلين
وچ قــرب جـــا قــدم ڳُهمـــائــي

تنهنجي اکيــن ۾ مــان تــہ عشق ڏسان ٿــو
ڏورا گــلابي تنهنجــا سي بــہ پَســان ٿــو
رکُ اکيــن ســان اکــڙيــون مِــلائــي

محفــل سَجــيءَ جــي اڪ تــو ۾ ڪُتــل آ
جنهن سان ٿي ٻهڪي ٻولين سو تہ ڪُتل آ
رکُ "ايــوب" کـــي دل ۾ لِڪــائــي

soorihsindhiadab





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سچو ڏينهن ساجن ، توکي ويٺو ساريان
ڳالهيون تنهنجون ڳائي ، تو مَنُ پرِيايان

خبر ناهي ڪهڙو تون ، جادو ڪري وئين
ڪهڙو تون، جادو ڪري وئين،
ماڻي من کي، ويتر تون ماندو ڪري وئين
سوا تنهنجي ساجن، هَنجون ويٺو هاريان

صبح کان سانجهيءَ تائين، تنهنجي تات تن کي
قسم آ خدا جو ڪانهي مات من کي
ڏڙڪا دلاسا ، ڏيو من کي ماريان

اچي ڪَنڌُ ڪي کير سان تون ملاءِ
متا مُحب مصري ، ڇَپن سان ڇڪاءِ
ڪَيَل قولَ توکي پيو ياد ڏياريان

اها رات ڪاري ، اوندهه انڌاري
ساري جي سردي ، متان انتظاري
اهڙي ويل تنهنجو اچڻ ڪيئن وساريان.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

توکي ٻه پيارا پيار ٿي ويو آ
ڇو ٿو لڪائين اظهار ٿي ويو آ
سڪ کي سانڍي سگهندين نه ساجن
تنهنجو تن من تار ٿي ويو آ

ڀلي تون ناز ڪر نوان انداز ڪر لڪي
خدا جي واسطي منهنجو ڪجهه خيال ڪر
ڏسندي توکي سهڻل سائين هاڻ نٿو پرجي
سرس تنهنجو سينگار ٿي ويو آ

پنهنجي دل جون ڳالهيون ڪٿي ڳولي ٻڌاءِ لڪي
اٿئي جا آس دل ۾ ڪٿي ڪولي ٻڌاءِ
اکين ۾ تنهنجي عشق ڏنو مون، لڪي سو نه لڪي
نينهن لڪل نروار ٿي ويو آ

ايوب عاشق تنهنجو نندي جي لاءِ ڪان
پري پاڪر وڌم وڏي ڪنهن ٻاهه ڪان
سڪ کي سانڍڻ ساجن سائين آهي ڳالهه ڳري
ڳاد ته تنهنجو يار ٿي ويو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هوا ٻہ ڏاڍي حرفتڻ آهي
هر هر تنهنجا وار وکيري
سيسرائن جا ساز ٿي سوري
من جي تارن کي ٿي ڇيڙي

نڪ ۾ تو جو ڪوڪو پاتو
هر هر جنهن کي هٿ تو لاتو
ڪيڏو تنهن ۾ قُرب لکل آ
ڪوئي هجي جو راز پروڙي

هٿن تي مينديءَ رنگ لڳو آ
چاهت جو ڪو چنگ وڳو آ
محبت ڪيڏو رنگ رچايو
سونهن آئي آ، سک جي نيڙي

ڳاڙها ڪپڙا، چيچ ۾ چلڙا
سُندر ناري، سنهڙا چپڙا
نوري جو جڻ روپ مٽائي
آئي آهي منهنجي ويڙهي

ٻاڪ ڦٽيءَ جو ٻرڪا ڪئي تو
وارن مان جا وَرڪا ڪئي تو
سونهن جا سارا رنگ رچي پيا
ڪوئي ويٺو تن کي ميڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيار ڪائي ڪِلان، عشق چوڙي گهُمان.
ماڻهو مجنون چون، پَل چون مان نِران.

وار ڪولي بدن منهنجو ويڙهي تون ڇڏ،
بوسا گلڙا ٻڻائي ڪِنديري تون ڇڏ،
جيڪا جنت پئم، سا تہ تون آن صفا.

ڏينهن تانڊا تَتو، پيار تنهنجو مَتو،
ياد توکي ڪيم، هاڻ ويتر وَتو،
سڪ تنهنجي لڳي، ڳالھ ڪنهن سان ڪيان.

ڪو چريو چاهہ ۾، ڪو سَڙيو ساڙ ۾،
ڪنهن آڏيو ڪوٽ ۽ ڪو اجان تاڙ ۾،
مال ماڻهو گهُرن، مان تہ ليليٰ گهُران.





soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## آءُ تہ اڏامون چنڊ تي

چوڏاري مضبوط ڪوٽ

جن مان ..................



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حُسن جي پـهرين جهلڪ ،
هوش تي هاڃا ڪري وئي ،
هيانءَ جا راڳا لاهي وئي ،
چيڪي منٺيءَ مان جڙيل ،
چاندوڪي رس سان ڳوهيل،
مَهَا ڪاريگر جي انمول تخليق .
منهنجون سوچون ، جي هيون
روشني رفتار سان ، تيز تر تلوار ڪان .
ڪُپي ويون هڪ جاءِ تي ،
ڪائنات جي سونهن ،
ٻن چپن جي وچ ۾
اکين جي ڇپرن ۾
ريشمي وارن ۾
سيني جي ڏارن ۾
۽ هن جي قدمن جي آهٽ ۾ .........
ذهن ۾ ڊوڙندڙ لفظ ،
آڊيو ڪيسٽ جي پٽيءَ ۾ محفوظ مئگنيٽڪ جيان ڇڙ وچڙ
سي ٿيندا ويا آٽوميٽڪ ريڪارڊ
وارن جي سَتار سان ،
ڇپرن جي ڇَن ڇَن سان ،
چپن جي بنسريءَ سان ،

soorihsindhiadab





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني جي تالَ سان ،
۽ نيڻن مان سرجي نڪرندڙ سُرن سان .
اُن گهڙيءَ تخلَيق ٿي ،
سونهن سان گڏ ڪلاڪار جي ،
۽ مان ! ؟
ٻڌجي ويس شاعر
هوءَ منهنجي شاعري
هوءَ تصوير ۽ مان مصور
مان آواز
هوءَ ساز
مان سڪ
هوءَ سوز
مان عاشق
هوءَ عشق .
فطرتَ هٿان مجبور ٿي.
سونهن جي ديويءَ مٿان .
سڀ ڪجهه گهوري ، جيءُ جهوري ،
لڪيم ڪوِتائون .
۽ پوءِ ..........؟
هڪ ڏينهن هُن ڪٽي اِريزر
گهمائي ڇڏيو آڏيو جي پنيءَ مٿان،
۽ سڀ ڪجهه ٿي ويو واش ،
ذهن جي پنيءَ تي جڙيل سمورا ذرڙا ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گونگا ٻٽجي
تخليق جي ٻي عمل لاءِ ،
اتساهه ڏيارڻ لڳا.
وري ڪن امر ڪِرتائون ڪي
اَندر مان اوتڻ لاءِ .





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بازارون

وارو وارو
وَٽُ وَٽُ ٿي وڃي
ڀَڄ ڀَڄان ۾ لِڪُ لڪان ،
ڪو ڪٽ هيٺان ، ڪو در پٺيان ،
ڪو ٽپي ويو ڀتيون ، ڪوٺا ،
سپاهين جا هٿ ،
ڪن جي ٻانهن ۾
ڪن جي ڳچين ۾
گهلي آيا هڙني کي چوواٽي جي چونڪين تي .
شَرمَ کان سڀ جا ڪنڌ جهڪيل ،
ساڻن گڏ آيل وئشائون ، ناڻن سان پل ۾ ،
پاڻ ڇڏائي ، واپس وريون ،
پنهنجي اونداهين ڪوٺين ڏانهن ،
جتي ٻرندا هئا ڪڏهن ،
رَنگا رنگي بلب ،
۽ تا تا ٿئي جي چال تي رقص ڪندا هئا ،
ريشمي رستا ، ________
اڄ ؟
انهن جي پاروتي جسم جيان
روشنيون ۾ رستا به پاروتا .........





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي جوانڙا ٻُڪئي ٻَگهڙ جيان ڳِگون ڳاڙي
واپس ورياهِن ، ڪاليجي گسنَ ڏانهن ،
جتان تنهنجوَن منهنجون عزتون، ڪنڌ جُهڪايون،
انهن جون بيهوده سينلون پيون ٻُڌن ،
۽ هو ٽنين ڪي ٽيڪ ڏئي
روز ڪن ٿا تماشبيني ،
ڇو جو بازارون بند آهن،
مُلڪ جي بدناميءَ ڪان .





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# رهيل چمي

يادن جا ڏنپ سهڻ لاءِ ،
اڄ وري سمنڊ تي ويس ،
اڪيلي پکيءَ جيان ، بي مقصد چڪر هڻي ،
ساڻو ٿي پٿرن جي ڏاکڻ تي ويهي،
ماندين ڇولين کي ڏسڻ لڳس،
ڇولين جي شور ۾ الائي ڪيترا ٿڪ ،
مڪس ٿيل هئا ، ۽ انهن ٿڪن مان ،
ڪجهه ٿڪ ذهن جي پٽيءَ تي فيڊ ان ٿيندا ويا .
۽ منهنجي وجود کي ڏوڏي اڳتي وڌي ويا .
منهنجي بجاءِ اڄ ڪنهن ٻئي جا ٿڪ
تنهنجن ٿڪن سان شامل هئا .
نه چاهيندي به ، لاشعوري طور
اٿي هلڻ لڳس ، تنهنجن پيرن پويان ،
واريءَ جي ڪارپيٽ تي هلندي هلندي
بيهجي ويس
تنهنجا پير چمڻ لاءِ ، عادت موجب
پر . .
اُن کان اڳ جو منهنجا سُکل چپ
واري تائين پهچن
تيز ڇولي ، ڊاهي وئي تنهنجا نشان پَلَ ۾
۽ رهجي وئي منهنجي چمي اڌ ۾ . . . . . . . .

چپيل
پندرنهن وار " ساڃاهه " ۾ ٨ جنوري ٩١ع





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



سڀ مُڪڙيون تنهنجا چپَ آهن
۽ سڀ ڪَندا،
تنهنجا انڪار
ڪڏهن تہ بنا ڪَندن جي ڪِلندي ڪر



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان توکي
اونداهيءَ ۾ ڇُهان ۽ ڇُمان.
۽ روشنيءَ ۾ ادي چوانءِ
ايڏو منافق ناهيان

♣♣♣♣

ڇپَ ڇُريا تہ
اندر ۾ ڪوليون ڇڪَ هٽڻ لڳس ،
ايورسٽ جي چوٽي ڏڏڻ لڳي ،
هو بانبڙا پائي
پيلن جي گهر گهِري ويو
ٿوري دير کان پوءِ ،
ٻاهر نڪري پاڻ کي ٻُجو ڏئي ڇڏيائين.

چينل
هفتوار "سنڌو" ١١ جولاءِ ٩١ع

sooriHsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# آءُ اڏامون چنڊ تي

چوڌاري مضبوط ڪوٽ
لوها در ، جن مان جهاتي پائڻ لاءِ
ڪا ٻه وٿي ڪانهي ،
حويليءَ جا اوچا ڪُنگرا
ڪَرَ ڪنيون ، پنهنجي پراڻي ساک
قائم ڪيون بيٺا آهن
ايڏي وڏي حويليءَ اندر
نينگرِ اک پٽي چنڊ کي ڏٺو آ ،
وڏي سائينءَ اها خبر ٻڌندي ئي
چنڊ کي مَندَ وجهڻ شروع ڪيا ،
۽ نينگرِ کي سَتي ڪري
سُهاڳڻ جو ڪفن پارايو..........
ان وقت ريڊيو اعلان ڪيو ته
پاڪستاني ٽائيم مطابق
ست لڳي پنجونجاهه منٽن تي
انسان چنڊ تي قدم رکيو

چيبيل
ماهوار "پروز" ۹۱ع





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو منهنجا ڏنل تحفا
مون کي واپس ڪيا،
فوٽو ڦاڙي ڇڏيا،
خَطَ سَاڙي ڇڏيا
ڪپڙا ڦِٽا ڪيا
ڪتاب ڪَتري ڇڏيا
پر .........
اڃان تو کان ڪجهه وِسري ويو آهي
ياد ڪر.!!
جنهن رات تو کي سخت بخار هو
۽ مان رات جو ئي ويڳي
پنڌ ڪري
اسپتال واري اسٽور تان
تنهنجي لاءِ دوائون وٺي آيو هوس.
تنهنجي مٿي کي زورِ ڏنا هئم
۽ تنهنجن پيرن کي چُميون ڏئي
گهڙيون هئم تنهنجي صحتيابيءَ لاءِ
دعائون، ٻاڪ ڦٽي تائين.........
جي واپس ڪرڻو اٿئي ته ،
اُهي گهڙيون ۽ منهنجون اُهي محبتون موٽاءِ .

soorihsindhiadab





Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## کنواري ماءُ

گهرڻ ۾ ٻار اڇلائڻ کان،
بهتر نه هو
ته تون پنهنجون
غليظ سوچون
گند پيٽيءَ ۾ اُڇلين ها.

## انتها

توکي چاهڻ جي
ڇا اها انتها ناهي!؟
ته نماز ۾ به
تون ئي نظر اچين..



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فاصلا

تون ۽ مان،
هڪ ڪمري ۾،
سُمهيا پيا آهيون،
جدا جدا بيڊن تي،
پوءِ به سڄي رات آهيون،
گڏ گڏ..........

مان ۽ منهنجي گهر واري
سُتل آهيون هڪ ئي بيڊ تي
پوءِ به
سڄي رات آهيون،
جُدا جُدا .

چپيل
پندرهن وار
عبرت مئگزين
آگسٽ ٩٥ع

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# فيصلو ڪر

تون.
جنهن جي سوچ،
خانداني ڪوٺن جي
ڪُنگرن ڪان پار اُڏامندي آهي.
تون-
جنهن جي ويچارن اڳيان،
تنهنجي مائٽن ڪي،
شڪستون ڪائٽيون پونديون آهن.
تون-
جيڪا پنهنجي ماحول ۾
الڳ ٿلڳ لڳندي آهين.
اڄ-
توکي موقعو مليو آهي
ته تون
پنهنجي جيون ساٿيءَ جي
چونڊ ڪرين،
ته تون
پنهنجي زندگي
پنهنجي ڍنگ سان گهارين.
پر اُن جي ابتڙ-
اڄ به تون پنهنجي
ضد تي قائم آهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ان هوڏ جي نتيجي ۾
تنهنجو جيون ساٿي
تنهنجي خوابن جي پوائتي تعبير به
بڻجي سگهي ٿو........
جو ڳجهن وانگر
توکي پَٽيندو
تنهنجي نرم نرم جسم مان،
گوشت ڪڍي کائيندو
۽ تنهنجي نازڪ ڳلن تي
رانپوٽا پائيندو
پوءِ به فيصلو نه ٿي ڪرين؟.





soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book